*مير سردار چنڙ

# خليفي نبي بخش جي سر ساموندي ءَ جو فڪري جائزو

# A THEMATICAL ANALYSIS OF KHALIFA NABI BUKSH LAGHARI'S SUR SAMOONDI

***Abstract:***

Khalifo Nabi Bakhsh Leghari is a great poet of sindhi classical poetry. We can find very powerful ideas in his poetry. Sur Samondi is such a wonderful Sur in which Khalifo Nabi Baksh has composed poetry about the trade of Sindh, Traders, their wives, beloveds and about worries of mothers in a unique way. This Sur echoes with the desires of traders' wives, the love for the homeland, the pains of separation, and the ties that bind. We have got a good indication of the trade of Sindh In Sur Samondi of khalifa Nabi Bakhsh Laghari.

Key words: Classical poetry, Merchant, Maritime, Waiting, Romanticism.

خليفو نبي بخش لغاري (1776_1863) سنڌ جي اساسي شاعرن مان هڪ آهي، جنهن کي خليفي صاحب جي نالي سان سڏيو ويندو آهي ۽ سندس شاعري ۾ تخلص ”قاسم“ آهي. "قاسم" جي تخلص بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ وضاحت ڪندي لکي ٿو:

> سندس ماسات قاسم هڪ ته هن جي محبت جي داستان جو رازدان هو ۽ پيو ته خليفي صاحب جي ساڻس دلي پريت هئي، انهي ڪري پنهنجي نالي بدران "قاسم" جو نالو تخلص طور چونڊيائين. ( بلوچ، 2005،ص 21)

خليفو نبي بخش، ٽالپرن جي دؤر جو هڪ باڪمال ڪلاسيڪل شاعر آهي. سندس شاعري ڪلاسيڪل شاعرن، ميون شاهه عنات ۽ شاهه لطيف جي شاعري جو تسلسل آهي. خليفي جي شاعري ۾ شاهه لطيف ڀٽائيءَ جو سنئو اثر نظر اچي ٿو. تنهن هوندي به خليفي صاحب جي شاعري پنهنجي نواڻ رکندڙ آهي، جنهن ۾ هن سولي ٻوليءَ ۾ ڪلاسيڪل شاعرن جو فڪر سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

*سبجيڪٽ اسپيشلسٽ، گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول، قاسم آباد، حيدر آباد



خليفي نبي بخش ’قاسم‘ کي جيڪڏهن اسان رومانوي، احساساتي، مزاحمتي قومي شاعر چئون ته ان ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو. سندس سُر ڪيڏارو ان ڳالهه جو شاهد آهي، پاڻ سُر ڪيڏاري ۾ سنڌ ۾ ڪرڙي واري جنگ جو ذڪر ڪيو اٿن، جيڪو سندس نج مزاحمتي شاعريءَ جو روپ آهي. خليفي صاحب جو سُر ڪيڏارو تمام گهڻو مشهور آهي هڪ ته نج مزاحمتي شاعري جي ڪري ۽ ٻيو وري ان ۾ مقامي ڪردارن کي ڪردار طور پيش ڪيو اٿس.

> اساسي شاعرن ۾ خليفو سنڌي شعر جي رسالي واري روايت جو تسلسل به آهي. انهن خاصيتن سان گڏوگڏ خليفي صاحب جو ڪلام فڪر ۽ فلسفي سان پرپور آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ وانگر سُرن جي لحاظ کان ۽ موضوع واري شاعري ڪئي اٿائين. سندس مشاهدو وسيع ۽ عميق آهي. عام رواجي شين کي تشبيهه ۽ استعاري طور ڪتب آندو اٿائين، جن کي عام ماڻهو اهميت نه ڏيندا آهن (پروين، 2012: 82)

"ساموندي" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معني آهي- سمنڊ جو (رهندڙ) ، سمنڊ جو، سمنڊ سان واسطو رکندڙ ، سمنڊ تي سفر ڪندڙ. هن سُر ۾ چار فصل 24 بيت ۽ 5 وايون شامل آهن. سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ سڀ کان اهم خوبي هيءَ آهي ته ڪلاسيڪل شاعرن وٽ ڪردارن ۽ موضوعن جي چونڊ تمام اعليٰ درجي جي آهي، هنن وٽ موضوع ۽ ڪردار نهايت اعليٰ ۽ غير معمولي رهيا آهن. هنن سدائين اوليت انهن غير معمولي ڪردارن کي ڏني آهي، جيڪي هن سماج ۾ ڌڪاريل، غير معروف ۽ پاسائتا رهيا آهن. ٻاهرين دنيا جي ڪلاسيڪل شاعرن بادشاهن، راڻين، محلن ۽ شهزادين جي زندگيءَ سان وابسته موضوع تي شاعري ڪئي آهي پر سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن وري ان جي ابتڙ ڪائنات جي بادشاهه عام ماڻهن، پورهيتن، مزدورن ۽ هيٺئين طبقي جي ماڻهن بابت موضوع پنهنجي شاعريءَ ۾ آندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو اسان جي ڪلاسيڪل شاعري دنيا جي مڃيل ادبي شاهڪارن ۾ انتهائي منفرد مزاج ۾ الڳ حيثيت رکندڙ شاعري آهي.

سنڌ جي ماڻهوءَ لاءِ اهو مشهور رهيو آهي ته هو ٻاهر نڪرڻ کان لهرائيندا آهن، هنن کي پنهنجي ڳوٺ جي پرسان وارو شهر به پرديس لڳندو آهي. سنڌي ماڻهو جڏهن ٻاهر روزگار سانگي ويندا آهن ته کين اهو مهڻو ٻڌڻو پوندو آهي ته اوهان سنڌي ڳوٺ ۾ ئي رهو ته بهتر آهي، چو ته هي پرديس آهي. اسين جڏهن سر سامونديءَ جو مطالعو ڪيون ٿا ته معلوم ٿئي ٿو ته هن سُر جا ڪردار ساموندي واپاري هئا. جن جو ڌنڌو

ساموندي واپار ذريعي دنيا تياڳيڻ هو .هو ٻيڙين ذريعي چين، سريلنڪا، بنگال ۽ هندستان جي آس پاس توڙي دنيا جي ٻين خطن ۾ وڃي مهينن جا مهينا، سالن جا سال هيرن جواهرن جو وڻج واپار ڪندا هئا.

> مياں يار محمد ۽ ميان نورمحمد جي اوائلي زماني ۾ سنڌ اندر جيڪو امن امان قائم هو، تنهن مان ملڪ کي چڱو فائدو ٿيو. هن دور ۾ سنڌ جي زراعت ۽ صنعت ، وڻج واپار کي وڏي ترقي ملي ۽ "سنڌي" وڻجارن جا جهاز ملڪي صنعت جو سامان کڻي مشرقِ وسطيٰ ۽ ايراني بندرن تي پهچندا هئا. وڏن وڏن فرنگي واپارين جهڙوڪ پورچوگيزن، انگريزن ۽ ڊچن سنڌ ۾ پنهنجا ڪارخانا قائم ڪيا هئا ۽ سنڌ جو زرعي ۽ صنعتي مال لاهري بندر، ديبل بندر ۽ شاه بندر ذريعي ڏورانهن ملڪن ڏانهن نيو ويندو هو. (چنا، 15:1974)

هي اُهي عظيم ڪردار هئا جن کي "وڻجارا" سڏيو ويو آهي. وڻجارا معني جيڪي ساموندي سفر ڪري واپار لاءِ ڏورانهن ڏينهن طرف وڃن. سر ساموندي ۾ انهن واپارين، وڻجارن، ساموندين کي ڳايو ويو آهي، جيڪي سالن جا ڏگها سفر ڪري وڻج واپار تي ويندا هئا. هن سر اندر وڻجارن جو ذڪر ته آهي پر اهي ثانوي ڪردار آهن. بنيادي ڪردار جن کي وڏي اهميت حاصل آهي سي وڻجاريون آهن، جيڪي انهن وڻجارن جون ونيون، محبوبائون، پينرون ۽ امڙيون آهن. جيڪي سندن سڪ ۾ سالن جا سال ساموندي ڪنارن تي سندن انتظارن ۽ اوسيئڙن ۾ گذارن ٿيون. جيڪي جيئڙي جدايون پسن ٿيون. وڻجارن جي سڪ، حب ۽ انهن سان ملاقاتن لاءِ سڪائون ڏين ٿيون. جيڪي انتظار ۾ اکين مان نير وهائن ٿيون، پنهنجن محبوب ورن، پائرن کي ياد ڪنديون رهن ٿيون.

جيڪڏهن اسان خليفي نبي بخش جي هن سر سامونديءَ کي هڪ شاهڪار رومانوي سر چئون ته ان ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو، چاڪاڻ ته هن سر اندر اسان کي محبت، سڪ، عقيدت، وصل ۽ فراق جهڙا شاندار مضمون پڙهڻ لاءِ ملن ٿا.

خليفي نبي بخش جي سر سامونديءَ ۾ وڻجارن ۽ وڻجارين جو ذڪر شاندار نموني سان ڪيل آهي، هن سُر ۾ وڻجارن لاءِ نيون آسون ۽ اميدون رکيل آهن، وڻجاريون پنهنجي وڻجارن لاءِ دعاڳو آهن، هو انهن کي ڪارونڀار، ڪُنَنِ ۽ ساموندي ويرين کان بچڻ لاءِ دعائون ڪن ٿيون، انهن جي سڪ ۽ سلامتي لاءِ وانجهائيندڙيون نظر اچن ٿيون..



ساموندي جڏهن وڻج واپار سانگي، سڙهه سنڀالي، سنواري سينگاري ، ٻيڙا ٻار ۾ چوڙي، صبح ساڻ سفر تي هاڪاري هليا ويندا هئا، ڪين اڳيان ڪارونڀار ڪُنَ، عميق اوڙاهه، ساموندي ويرون ايندڙيون هيون پر اهي ساموندي الله تي توڪل ( الله تو آهر)ڪري نڪري پوندا هئا.

ٻيڙا مکي ٻار ۾، وڏائون واري
سڙهه کڻي ساڃا ٿيا، ساڄهر سينگاري
هليا هاڪاري، الله سندي آسري.
(بيت نمبر4، 19)

وڻجارن جون جهونيون ٻيڙيون، سمنڊ جا اونها پاڻي، جيڪي وڏين وڏين ويرين جي ڊپ کان، جن کي لهرن جا لوڏا سهڻ جي طاقت ناهي هوندي ته ان وقت مهاڻن، وڻجارن جو ساهه مٺ ۾ هوندو آهي. ان پسمنظر ۾ خليفو نبي بخش عاجزي سان انهن وڻجارن جي سفر ۽ سلامتي لاءِ دعا گهرندي چوي ٿو ته! مولا ڪو واءُ سڻائو ڪري، سندن جهونا ٻيڙا پنهنجي فضل سان پار پهچاءِ.

جهوني ٻيڙي، جهاڄهه گهٽي، وچ وڏاندڙ وير
لهرين لپاٽَ سين، ڪوڙيين پڇن ڪير
پسي دور درياهه جو، قاسم! ڪنين ڪبير
فضل ساڻ فقير، پُربَندر پهچائين.
(بيت نمبر3، 21)

سنڌ جا وڻجارا اڪثر ڪري چين بنگال ۽ هندستان وارن علائقن ڏانهن تمام گهڻو واپار ڪرڻ ويندا هئا. اتان ڪان وري اڳيان ٻين ملڪن ڏانهن وڪر روانا ڪندا هئا. خليفي نبي بخش، سر ساموندي اندر بهترين انداز سان ساموندين جي سفر جي منظر ڪشي ڪئي آهي. هن انهن ساموندين جي ڏکن، ڊپن، خوف، حراسن کي پنهنجي شاعري جي ڪينواس ۾ سهڻي انداز سان پريو آهي. سندس شاعري ۾ هر پاسي حسناڪي ئي حسناڪي نظر اچي ٿي.

سودي ڪارڻ سَنبهيُون، ويهون وڻجارن
چَليا چينَ بنگالَ ڏي، مالڪ رکي مَنِ
آيا اُن اوڙاهه ۾، جتي ڊِيمَ ڏِرَنِ

لهرين جي لپاٽَ سين، ڪاٽ ڪڙڪا ڪَنِ
قاسم ڪارونڀار سين، تاڙي لڳي نہ تَنِ
اتي اُتارنِ هادي، ڏيندو هٿڙا.
(بيت نمبر: 1، 21)

سنڌ جا وڻجارا دنيا جي ملڪن ۾ وڃي، هيرن، لعلن ۽ جواهر جو ڪاروبار ڪندا هئا. هو جڏهن بہ ٻيڙا هاڪاري ويندا هئا، تہ پريان اهي ئي ٻيڙا سون، چاندي، هيرن، جواهرن سان ڀري واپس ايندا هئا، سندن اها چوس ڪين گهر ۾ ويهڻ نہ ڏيندي هئي. هو اڃا ايندا هئا، وري ويني ويني وڃڻ جو خيال ايندو هين، هنن کي ڪنهن طوفان جو خوف نہ هوندو هو هو هر وقت تيار هوندا هئا. پر هو جڏهن بہ ويندا هئا تہ ڪڏهن بہ هتين خالي نہ موٽندا هئا. هر وقت هنن کي فڪر هوندو آ، وڻج واپار جو ۽ ڪاميابيءَ سان اهو سڀ ماڻي ايندا هئا.جڏهن بہ واپس ايندا هئا تہ فاتحن وانگر وڏي دٻ دٻي سان ايندا هئا.

ڪنڌي ناهي ڪُلاب جي، ڪَپرِ ڪُنَ ڪارا
سودي ڪارڻ سنپيا، وري وڻجارا
لعلون لَکي سَرَ ۾ موتي موچارا
سودي سَوارا ڪتي، آيا خير سان.
(بيت نمبر: 6، 22)

وڻجارا جڏهن پنهنجي وڻج واپار سان ويندا هئا تہ اهي وڏو عرصو سفر ۾ گذاريندا هئا سالن جا سال واپس ورڻ جي ڪا واٽ ئي نہ واريندا هئا. پوءِ انهن جون وڻجاريون، ونيون محبوبائون پيون سندن دڳ وانجهائينديون هيون، اهي انهن کي سڪ ۽ تڙپ سان پيون ياد ڪنديون هيون. هر وڻجاري سوچيندي هئي تہ بس هن دفعي وڻجارو واپس اچي تہ ڪيس وري اوڏانهن نہ ڇڏينديس. وڻجاريون سدائين وڻجارن جي راهن ۾ نهارينديون، اوسيئڙن جا اپا ساهہ ڪٽنديون چونديون هيون:

قاسم چئي ڪڙهين، ملين جي مننار
تہ موتي موڪل نہ ڏيان، بندر جي بازار.
(وائي نمبر: 1، 24)

وڻجارن جون ونيون جيڪي سالن کان سڪ ۾ ستايل رهنديون هيون، تن جا وڻجارا جڏهن ايندا هئا تہ سندن فراق جا ڏينهن وصل ۾ تبديل ٿيندا هئا پر هو اڃا



پنهنجي سڪ بہ پوري ڪري ڪونہ سگهنديون هيون تہ وڻجارا وري وڃڻ جون وايون ڪندا هئا، تڏهن هو التجا ڪندي وڻجارن کي هيئن چونديون هيون:

اڄ مَ وڃو اوهري، مونکي ڏئي ڏَنجه
ساموندين سان سَنجهَ، ڪريان روح رَچنديُون.
(بيت نمبر: 4، 25)

شاهہ لطيف جي سر سامونڊي ۾ بہ اهڙي خيال سان تمتار بيت ملي ٿو:

جيڪر اچي هاڻ، تہ ڪريان روح رچنديون
آيل! ڍولي ساڻ، هوند ڳر لڳي ڳالهيون ڪريان
(گنج،سرود سامونڊي ص 304)

خليفي نبي بخش انهن وڻجارين جا احساس ڪيڏا نہ گهرائي سان بيان ڪيا آهن. هن هڪ سنڌي عورت جي جذبن جي مڪمل عڪاسي ڪئي آهي. جڏهن ڪا ڪنوار شادي ڪري، ڪيس وڻجاري جو پيار ملڻ بدران وڇوڙي ۽ فراق جا ڏينهن ملن تہ اُهي اُن لاءِ ڏکن جا ڏينهن ٿي پوندا هئا:

ساڃا سڙهہ ساموندين، ڪالهونڪر ڪيا
پرٽي مون پرينءَ سان، ٿورا ڏينهن ٿيا.
(وائي نمبر: 2، 25)

وڻجاريون وڻجارن جي اچڻ لاءِ سڪائون ڏينديون هيون تہ من سندن وڻجارا سنت اچي ساٿن ملن:

پلئہ پائي اڳيان، پُڇان تڙ پوڄارا
موليٰ مونکي ميڙئين، ساموندي سونهارا.
جَرَ ناريلَ پيا، ماءُ! سنپوڙا سپرين
(وائي نمبر: 1، 23)

جڏهن وڻجارن جي اچڻ جي موسم ايندي هئي تہ وڻجاريون گڏجي وڃي ساموندي ڪنارن تي ويهنديون هيون ۽ پري پري کان سڙهہ ڏسندي، پنهنجي پنهنجي وڻجاري جي ٻيڙيءَ جا سڙهہ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪنديون هيون. اِن آس سان تہ شال ! اهو سڙهہ منهنجي محبوب جي ٻيڙي جو هجي ۽ پوءِ اوچتو ڪيس اها تسلي ٿيندي هئي تہ اهو سڙهہ جيڪو پري کان نظر آيواهو منهنجي ور جو آهي تہ ان وقت

وڻجاريون خوشين مان هڪٻئي کي وڻجارن جي ورڻ جون مبارڪون ڏيڻ شروع ڪنديون هيون تہ تنهنجو ساموندي خير سان ڪٽي آيو آهي.

وَريا وڻجارا، وَهُنِ گهرِ واڏَايون
اچي سَڙِهنِ اوچتا، ڏٺا ڏيکارا
ڪاري ڪيڏارا، ڪٽي آيا خير سان.
(بيت نمبر: 3، 26)

ءِ جڏهن وڻجارين جون سڪائون پوريون ٿينديون هيون ءِ وڻجارا گهر پهچندا هئا هر طرف خوشيون ئي خوشيون هونديون هيون. فراق جا ڦٽ ختم ٿيڻ لڳندا هيا ءِ وصال جا ڏينهن شروع ٿيندا هئا. ونيون پنهنجي مڙسن سان گڏجنديون هيون. اهڙن لمحن ۾ هڪ وڻجاري چوي ٿي تہ:

ماءُ سارينديءَ! مون، تڙ وڻجارا آيا
پُنيون اُميدون، وهون ورن گڏيون.

(بيت نمبر: 2، 25)

تت: خليفي نبي بخش لغاري جو هي سر ساموندي هڪ شاندار سر آهي جيڪو ساموندين جي وڻج واپار جي حالتن جي احوال ءِ وڻجارين جي احساسن ءِ جذبن سان ٽمٽار آهي. هن سر اندر انهن وڻجارن سان سمونڊ اندر پيش ايندڙ حالتن، واقعن، خوف، ڊپ ءِ ٻين لاهن چاڙهن جو ءِ سندن محبوب ونين جو احساساتي ذڪر آهي جنهن ۾ سندن هجر، فراق، وصل، پيار، محبت، سڪ اڪير جهڙا لازوال مضمون ملن ٿا.



**حوالا :**


بلوچ. نبي بخش خان،(2005).تحقيق ءِ تصيح: خليفي صاحب جو رسالو. ڄامشورو،سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ

چنا، ڪريم بخش.(1974). سر ساموندي جو تاريخي ءِ ثقافتي پسمنظر. سر ساموندءَ جو مطالعو. مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. ڀٽ شاهہ سنڌ: شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز

گنج، شاهہ جو رسالو(2012) مرتب، صفدر حسين ءِ شوڪت حسين چاچڙ. ڪراچي، سنڌ: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر

شيخ، ناهيد پروين.(2012):خليفي نبي بخش لغاريءَ جو ڪلام. ڪلاچي، تحقيقي جرنل شمارو 15. ايڊيٽر: پروفيسر محمد اسلم ميمڻ.ڪراچي، سنڌ: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.


( هن مقالي ۾ شامل سمورا بيت ”خليفي صاحب جو رسالو : ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ“ واري رسالي مان ورتا ويا آهن)